# جنت جا خريدار

**6-July-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

6 جولاء، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# جنت جا خريدار

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... دروازو کولي ڇڏيو! ۽ انهن کي جنت جي بشارت ڏيو!

✿... بئرِ رومہ جي بدلي جنت جو چشمو

✿... مال وڇونءَ جيان آهي

✿... اسان مال ذريعي جنت جا حقدار ڪيئن بڻجون؟

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي جيڪو ڏينهن ۾ مون تي هڪ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو، اهو ان وقت تائين نه مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نه ڏسي وٺي.[1]

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرود پڑھو
مُحِبّو پاؤ گے جنت میں گھر دُرود پڑھو[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس

[1] ... الترغيب فی فضائل الاعمال، صفحه:14، حديث:19
[2] ...نورِ ايمان، صفحه:56۔
[3] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اي اللّٰه پاڪ! عثمان کان راضي ٿي وڃ......!

غزوهٔ تبوڪ جو موقعو هيو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو لشڪر سَفَر تي هو، رستي ۾ هڪ هنڌ تي وڏي مشڪل پيش آئي، کائڻ پيئڻ جون شيون ختم ٿي ويون، شديد گرمي هئي، بک ۽ اُڃ جي سختي ٿي، هن حالت ۾ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي چهرن تي اَفسُردگي جا آثار نظر اچڻ لڳا، جڏهن تہ منافق هن حالت کي ڏسي خوش ٿي رهيا هئا.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جڏهن هي صورتِ حال ڏٺي تہ غيب جي خبر ڏيندي فرمايائون: **اللّٰه جو قسم! سج لهڻ کان پهريان اللّٰه پاڪ توهان وٽ رزق موڪليندو.**

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ بہ لشڪر ۾ موجود هئا، پاڻ جڏهن هي فرمانِ مصطفيٰ ٻڌائون تہ يڪدم انتظام ڪرڻ شروع ڪيائين، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ اناج سان ڀريل 7 اٺ خريدي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ڪيا، جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هي اُٺ ڏٺا تہ سندن چهرن تي خوشي ظاهر ٿي وئي، ٻئي پاسي منافقن جا چهرا غمگين ٿي ويا. سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ جڏهن اهي 7 اٺ پيش ڪيا ويا تہ فرمايائون: هي ڇا آهي؟ ڪنهن جي طرفان آهن؟ عَرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ اوهان جي خدمت ۾ تحفو پيش ڪيو آهي.

راوِي چئي ٿو: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هي ڳالهہ ٻُڌي تہ مون پاڻ ڏٺو تہ، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُعا جي لاءِ هٿ ڪنيا ۽ ايترا بلند ڪيا

جو سَر مبارڪ ڪان متي ٿي ويا، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **حضرت عثمانِ غني** رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه **جي لاءِ اهڙي دُعا فرمائي جو ڪين اهڙي دُعا ڪڏهن ڪنهن جي لاءِ نہ ڪندي ڏٺو هو.**[1]

هڪ روايت ۾ آهي: رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ دعا گهري: اي **الله پاڪ! مان عثمان سان راضي آهيان تون به عثمان سان راضي ٿي وڃ.**[2]

حضرت ابو سعيد خدري رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم کي ڏٺو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سڄي رات حضرت عثمانِ غني رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه جي لاءِ هي دُعا گهرندا رهيا :اي **الله پاڪ! مان عثمان سان راضي ٿيس تون به هن کا راضي ٿي وڃ.** [3]

| | |
|---|---|
| اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خدا یار ہے عثمانِ غنی کا |
| گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا | اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا(4) |

## حضرت عثمان غني رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه جي خوشنصيبي

اي عاشقانِ رسول! حضرت عثمانِ غني رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه جي خوش نصيبي ڏسو! رشڪ لائق ڳالهہ آهي، پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **سڄي رات** سندن لاءِ دُعا فرمائي: **ياالله! مان عثمان سان راضي آهيان، تون به هن کان راضي ٿي وڃ.**

الله اڪبر! جنهن سان محبوبِ خدا، ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي وڃن، ان کي ٻيو ڇا گهرجي...!!

| | |
|---|---|
| خدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالَم | خدا چاہتا ہے رضائے مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم (5) |

[1] ... الرياض النضرة، الباب الثالث ،الفصل السادس:ذكر اختصاصه ...الخ، جزء :3، صفحه :25ملتقطاً۔

[2] ... فضائل الصحابة احمد بن حنبل، جز:1، صفحه:484، حديث:784

[3] ... تاريخِ مدينه دمشق، جلد:39، صفحه:54۔

[4] ...ذوق نعت ، صفحه:80ملتقطاً۔

[5] ...حدائق بخشش، صفحه:65۔

وضاحت: هن شعر ۾ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه هن حديث شريف جي طرف اشارو فرمايو جنهن ۾ هي بيان آهي تہ قيامت واري ڏينهن الله پاڪ سيني اڳين ۽ پوئين کي جمع ڪري پنهنجي محبوب کي فرمائيندو: كُلٌّ أَحَدٍ يَطْلُبُ رِضَایَ وَأَنَا أَطْلُبُ رِضَاكَ يعني اي محبوب! هي سيئي منهنجي رضا چاهين ٿا، پر اي منهنجا محبوب! مان تنهنجي رضا چاهيان ٿو.[1]

## رضاءِ مصطفي ملڻ معمولي ڳالھ ناهي

ياد رکو! محبوبِ خُدا، سرورِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا ملڻ ڪا عام ڳالھ نہ آهي، تمام وڏي فضيلت آهي. امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: آخرت ۾ الله پاڪ جي طرفان جنّت وارن کي جيڪو سڀ کان وڏو انعام ملندو، اهو الله پاڪ جي رضا آهي.

هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ الله پاڪ جي رضا ڪيئن ملندي آهي؟ سيدي اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِعَلَيه فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| بَہم عہد باندھے ہیں وَصلِ اَبَد کا | رضائے خُدا اور رضائے محمد ﷺ [2] |

وضاحت: يعني هڪ آهي الله پاڪ جي رِضا، هڪ آهي محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا، هنن ٻنهي (يعني رضاء خُدا ۽ رضاء مصطفيٰ)پاڻ ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ هي پڪو واعدو ڪيو آهي تہ ٻئي گڏجي ئي رهنديون، يعني جنهن کي الله پاڪ جي رضا گهرجي، اهو محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي راضي ڪري وٺي، جنهن سان محبوبِ خُدا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي ويا، رب پاڪ بہ ان کان راضي ٿي ويندو.

معلوم ٿيو جنهن سان الله پاڪ جا محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

[1] ۔۔۔ تفسير ڪبير، پاره:2، البقره، زيرآيت:142،جلد:2،صفحہ:82۔

[2]...حدائق بخشش، صفحہ:65۔

وَسَلَّمَ راضي ٿي وڃن، اهو آخرت جي سڀ کان وڏي انعام يعني الله پاڪ جي رضا جو حقدار ٿي ويندو آهي ۽ الله پاڪ جي فضل سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنْہ اهي وڏي رُتبي وارا صحابي آهن جو رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سڄي رات سندن لاءِ دُعا فرمائي: ياالله پاڪ! مان عثمان سان راضي آهيان، تون بہ هن کان راضي ٿي وڃ.

هاڻي تورو اندازو لڳايو! هي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنْہ جي ڪيتري وڏي فضيلت آهي.

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا
گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا | اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا[1]

## رِضاءِ مصطفيٰ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! اسان ڪي بہ گهرجي! اسان بہ محبوبِ خُدا، سردارِ انبياء صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي راضِي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ❁ نيڪ ڪم ڪريون ❁ گُناهن کان بچون ❁ درودِ پاڪ پڙهون ❁ ذِڪرُ الله ڪريون ❁ قرآنِ ڪريم جي ڪثرت سان تلاوت ڪريون ❁ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڏکويل اُمّت جو غم پري ڪريون ❁ عاشقانِ رسول سان همدردي ڪريون ❁ ٻين جي ڪم اچون، ايئن ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ !الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان کان راضي ٿي ويندا، جيڪڏهن رسولِ اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي ويا تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ !الله پاڪ بہ راضي ٿي ويندو.

کام وہ لے لیجئے! تم کو جو راضی کرے | ٹھیک ہو نامِ رضا تم پہ کروروں درود[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...ذوق نعت ، صفحہ:80ملتقطاً۔

2...حدائق بخشش، صفحہ:271۔

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مختصر تعارُف

اي عاشقانِ رسول ❖ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنْہ صحابي رسول آهن ❖ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي پڦيءِ سائڻ حضرت اُمّ حڪيم رَضِیَ اللہ عَنْهَا جا ڏوهٽا آهن يا ايئن ڪٺي چئجي تہ ڪجھ پري جي رشتي ۾ مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جا ڀاڻيجا آهن ❖ سابقينِ اَوَّلِين مان آهن يعني شروع ئي ۾ اسلام قبول ڪري اسلام جي دامن ۾ داخِل ٿي ويا هئا، اسلام قبول ڪرڻ ۾ سندن چوٿون يا پنجون نمبر آهي، ❖ عشره مبشره (يعني زبانِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سان جنّت جي بشارت ماڻڻ وارن 10 صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) مان آهن ❖ سرڪار اعظم، رسولِ اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنْہ سان ايتري محبت ڪندا هئا جو پاڻ هڪ، هڪ ڪري پنهنجون ٻہ شهزاديون حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنْہ جي نِڪاح ۾ ڏنيون.[1] اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ طرف اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا | ہو مُبارک تُم کو ذُوالنُّورَین جوڑا نُور کا[2] |

۞ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اللہ پاڪ مون ڪي وَحي فرمائي تہ مان پنهنجي ٻن نياڻين جو نِڪاح عثمان سان ڪيان.[3] ۞ هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جيڪڏهن منهنجون سؤ نياڻيون هجن ها، انهن مان هڪ جي وفات ٿئي ها تہ مان ٻي عثمان جي نِڪاح ۾ ڏيان ها، ان جو انتقال ٿئي ها تہ مان ٽئين عثمان جي نِڪاح ۾ ڏيان ها، ايستائين جو مان پنهنجون 100 جون 100 شهزاديون هڪ هڪ ڪري عثمان جي نِڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها.[4] ۞ مولاءِ ڪائنات، موليٰ علي رَضِیَ اللہ عَنْہ کان **حضرت عثمان غني** رَضِیَ اللہ عَنْہ جي باري ۾ سُوال ٿيو تہ فرمايائون:

---

[1] ... نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544، خلاصۃً

[2] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:246

[3] ... معجم الاوسط، جلد:2، صفحہ:346، حدیث:3501

[4] ... کنزُ العُمال، کتاب:الفضائل، جلد:7، جُز:13، صفحہ:21، حدیث:36201

**عثمان اهي آهن جو انهن کي ملائڪ”ذُوالنُّورَين“ چوندا آهن،** رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا نياٽا آهن، پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي جنَّت جي بشارت ڏني.[1] ۞

| نبی کے نور دو لے کر وہ ذوالنورین کہلائے | انہیں حاصل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رحمانی[2] |
|---|---|

۞ اسلام جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شهادت کان بعد مسلمانن جي ڪثرتِ راءِ سان **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ خليفو مقرر ٿيو، 12 سال تائين خليفا رهيا، 18 ذو الحجه 35 سن هجري جو 40 ڏينهن بُکايل اُڃايل رهي ڪري نهايت مظلوميت سان شهيد ڪيا ويا.[3]

| امام الاَسخِیا کر دو عطا حِصّہ سخاوت کا | قناعت ہو عنایت، دیں نہ دولت کی فراوانی |
|---|---|
| مجھے اپنی سخاوت کے سمندر سے کوئی قطرہ | عطا کر دو نہیں درکار مجھ کو تاجِ سلطانی (4) |

## هر صحابي نبي...!! جنتي !جنتي!

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان اسان جي پياري محبوب آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هر صحابي جنتي ٿي آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ (پاره:27، سورة حديد:10) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن سڀني کان الله جنت جو وعدو فرمائي چڪو: |
|---|---|

---

[1] ... رياض النضرة،مناقب :عثمان بن عفان، اسمه و ڪنيت، جز:3، صفحه:6
[2] ... وسائل بخشش، صفحه:584
[3] ... نزہۃ القاری، جلد:1، صفحه:544۔ ڪرامات ِ عثمان غنی، صفحه:3
[4] ...وسائل بخشش، صفحه: 585۔

هن آيتِ ڪريمہ ۾ فرمايو ويو تہ سيني صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡھم سان اللہ پاڪ حُسنيٰ جو وعدو فرمايو آهي، هاڻي جنهن سان حُسنيٰ جو وعدو فرمايو وڃي، ان جي شان ڇا هوندي؟ هي بہ قرآن ڪريم ئي کان ٻڌي وٺو! اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

إِنَّ الَّذِينَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنَىٰ أُولَٰئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُونَ ﴿١٠١﴾ لَا يَسْمَعُونَ حَسِيسَهَا وَهُمْ فِي مَا اشْتَهَتْ أَنفُسُهُمْ خَالِدُونَ ﴿١٠٢﴾ لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْأَكْبَرُ وَتَتَلَقَّاهُمُ الْمَلَائِكَةُ هَٰذَا يَوْمُكُمُ الَّذِي كُنتُمْ تُوعَدُونَ ﴿١٠٣﴾

(پاره:17، سورة انبياء:101-103)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جن جي لاءِ اسان جي طرفان ڀلائي جو واعدو پهريان کان ٿي چڪو اهي جهنم کان پري رکيا ويندا. اهي ان جو هلڪو آواز بہ نہ ٻڌندا ۽ اهي پنهنجي دل پسند نعمتن ۾ سدائين رهندا. انهن کي سڀ کان وڏي گهبراهٽ غمگين نہ ڪندي ۽ فرشتا انهن جو استقبال ڪندا جو هي توهان جو اهو ڏينهن آهي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويندو هو.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو تہ جن کان اللہ پاڪ حُسْنٰی جو وعدو فرمايو آهي، انهن کي 5 فضيلتون عطا ٿينديون: (1) اهي جهنم کان پري رکيا ويندا (2) اهي جهنم جو معمولي آواز بہ نہ ٻڌندا (3) اهي من گهريل مرادون ماڻيندا ۽ هميشہ ان ۾ رهندا. (4) قيامت جي ڏينهن وڏي گهبراهٽ ۾ انهن کي ڪجهہ خوف نہ ٿيندو. (5) ملائڪ انهن جو هي چوندي استقبال ڪندا: هي آهي اهو ڏينهن جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويو هيو.

هنن ٻنهي آيتن مان معلوم ٿيو: سيني صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡھم کان حُسْنٰی جو وعدو آهي، لهٰذا سيني صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡھم جي اها شان آهي جو هو جهنم کان پري رکيا ويندا، جهنم جو معمولي آواز بہ نہ ٻڌندا، هميشہ دل گهريل مرادن

۾ رهندا، قيامت جي وڏي گهٻراهٽ ۾ انهن کي خوف نہ ٿيندو ۽ اللہ پاڪ جي ڪرم سان ملائڪ قيامت جي ڏينهن سندن استقبال ڪندا

| | |
|---|---|
| کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب واَہلِ بیت کا | ہے خُدائے مصطفٰے اَصحاب واَہلِ بیت کا |
| آل واَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ | میں فقط ادنیٰ گدا اَصحاب واَہلِ بیت کا |
| فضلِ رَبّ سے دو جہاں میں کامیابی پائے گا | دِل سے جو شیدا ہوا اَصحاب واَہلِ بیت کا |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! | جنتی! جنتی! | سب صحابیات بھی! | جنتی! جنتی! |
| چار یاران نبی! | جنتی! جنتی! | حضرت صدیق بھی! | جنتی! جنتی! |
| اور عمر فاروق بھی! | جنتی! جنتی! | عثمان غنی! | جنتی! جنتی! |
| فاطمہ اور علی! | جنتی! جنتی! | ہیں حسن حسین بھی! | جنتی! جنتی! |
| ہر زوجۂ نبی! | جنتی! جنتی! | ہیں معاویہ بھی! | جنتی! جنتی! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عثمانِ غني جنتي جنتي

پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن تہ هر صحابي رسول جنتي ئي آهي، البتہ مسلمانن جا ٽيان خليفہ حضرت **عثمانِ غني** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ اهي خوش نصيب صحابي رسول آهن جن کي مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا جنّت جي بشارت ڏني. اچو احاديث ڪريمہ پڙهون ٿا: ❁ **حضرت ابوهريره** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ **کان روايت آهي** پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لِكُلِّ نَبِيٍّ رَفِيْقٌ وَّرَفِيْقِيْ يَعْنِیْ فِی الْجَنَّةِ عُثْمَانُ يعني جَنَّت ۾ هر نبي جو هڪ رفيق هوندو ۽ منهنجو رفيق (ساٿي) عُثمان

بن عَفان هوندو."[1] ۞حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَنْتَ وَلِيِّيْ فِي الدُّنْيَا وَ اَنْتَ وَلِيِّيْ فِي الْاٰخِرَةِ يعني اي عثمان! تون دنيا ۾ بہ منهنجو دوست آهين، آخرت ۾ بہ منهنجو محبوب ۽ دوست آهين.[2] ۞ صحابي رسول سلطان المفسرين حضرت عبدالله عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هاڻي هن رستي کان هڪ جنتي شخص لنگهندو، اسان ڏٺو تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنْہ تشريف کڻي آيا.[3]

## دروازو کولي ڇڏيو! ۽ انهن کي جنت جي بشارت ڏيو!

صحابي رسول حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان رسول اڪرم، نورمجسم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ مديني جي باغن مان هڪ باغ ۾ هيس، هڪ شخص آيو، ان دروازو وڄايو،سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِفْتَحْ لَهٗ وَ بَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ ان جي لاءِ دروازو کوليو ۽ ان کي جنت جي بشارت ڏيو. فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ هي حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہ عَنْہ هيا، مون کيس جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو، ڪجھ دير کان بعد دروازو وڳو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ وري فرمايو: اِفْتَحْ لَهٗ وَ بَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ دروازو کوليو، ان کي(يعني اچڻ واري کي) جنت جي خوشخبري ڏيو. ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ هي حضرت عمرفاروق اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ هيا، مون کيس جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو(۽ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ويا) ڪجھ دير کان بعد ٽيون ڀيرو دروازو وڳو، پياري آقا،

---

[1] ... ترمذی، ابواب المناقب...الخ، باب مناقب عثمان...الخ، صفحہ:842، حديث: 3707 ۔
[2] ... مسند فردوس ،باب الياء،جلد:5،صفحہ:313 ، حديث:8291۔
[3] ... فضائل الصحابہ لاحمد بن حنبل، صفحہ:454، حديث:732۔

مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِفْتَحْ لَهٗ وَ بَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ عَلٰى بَلْوٰى تُصِيْبُهٗ دروازو کوليو، ان کي(يعني اچڻ واري کي) ٻڌائي ڇڏيو تہ هڪ مصيبت جيڪا انهن کي پهچندي ان کان بعد هي جنتي آهن.

حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ هي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه هيا، مون کيس جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن کي اهو بہ ٻڌايو تہ عنقريب انهن کي هڪ امتحان مان گذرڻو پوندو، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جنت جي خوشخبري ملڻ تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ چيو: اللهُ الْمُسْتَعَانُ الله پاڪ مددگار آهي(يعني مون کي جيڪا مصيبت پهچندي، الله پاڪ جي مدد سان مان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان ۾ ڪامياب ٿي ويندس).

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حديث پاڪ جيڪا هاڻي اسان ٻڌي، هي بخاري شريف ۾ 6 ڀيرا ذڪر ٿي آهي، ايئن ئي حديث پاڪ جي ٻين ڪيئي ڪتابن ۾ بہ هي حديث شريف موجود آهي، هن حديث پاڪ مان بہ ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون: (1) اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مسلمانن جا پهريان، ٻيان ۽ ٽيا خليفہ حضرت ابوبڪر، عمرفاروق ۽ عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جنتي آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي 3 پيارن يارن جو ذڪر ٿيو، اچو! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چوٿين يار يعني مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ذڪر خير ٻڌي ونون ٿا: جيئن تہ حضرت سعيد بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: عَلِيٌّ فِي الْجَنَّة يعني حضرت علي جنتي آهي.[1]

| جنّتی! جنّتی! | چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | ہر صحابیِ نبی! |
|---|---|---|---|

[1] ... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الفضائل، فضائل علی بن ابی طالب رَضِیَ اللّٰہُ عنہ، جلد:7، صفحہ: 505،

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي متعلق هڪ ٻي به غيب جي خبر ڏني، فرمايائون: هڪ مصيبت جيڪا انهن کي پهچندي، ان کان بعد هي جنتي آهن. هي مصيبت حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کي سندن خلافت جي آخري زماني ۾ پهتي، ڪجھ شرپسند باغين سندن گھر کي گھيري ورتو، جنهن سبب سندن گھر کان نڪرڻ ۽ کاڌو پيتو بند ٿي ويو، آخر انهيءَ مظلوميت جي حالت ۾ کين شهيد ڪيو ويو. هي آهي اها مصيبت جيڪا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کي پهتي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيئي سال پهريان ئي ان جي خبر ڏني. خبر پئي: اللّٰه پاڪ جي عطا سان اللّٰه پاڪ جا محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪَلھ جي، سالن کان بعد جي، صدين کان بعد جي، بلڪ قيامت تائين بلڪ قيامت کان به بعد تائين جون خبرون ڄاڻين ٿا.

جو ہو چکا ہے جو ہو گا حضور جانتے ہیں
تیری عطا سے خُدایا حضور جانتے ہیں

وہی ہیں پیکرِ شرم وحیا ذُو النُّورَیْن
مقام ان کی حیا کا حُضُور جانتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنت عدن جي حور

حضرت عقبه بن عامر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ فرمائن ٿا: رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: معراج جي رات مان جنتِ عدن ۾ داخل ٿيس، اتي وڏين اکين واري هڪ خوبصورت حُور هئي، مون ان کان پڇيو: لِمَنْ اَنْتِ؟ تون ڪنهن جي لاءِ آهين؟ حُور چيو: اوهان جي ظلم طور شهيد ڪيل خليفي عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي لاءِ.[1]

جس آئینہ میں نورِ الٰہی نظر آئے
وہ آئینہ رخسار ہے عثمانِ غنی کا[2]

[1] ... فضائل الصحابه لاحمد بن حنبل، صفحه:522-523، حديث:864ملتقطاً
[2]...ذوق ِ نعت ،صفحه:81۔

## جنت حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي لاءِ روشن ڪئي ويندي

حضرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ شخص سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ! ڇا جنت ۾ بجلي چمڪندي؟ فرمايائون: ها! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جڏهن عثمان هڪ منزل کان ٻي منزل جي طرف ويندا تہ ان جي لاءِ جنت ۾ بجلي چمڪندي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنت جا خريدار

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ يقيناً قطعي يقيني جنتي آهن. جنتي هجڻ جي حيثيت سان سندن هڪ نرالي خصوصيت هي بہ آهي تہ سندن هڪ پيرو نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا پاڻ مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کان باقاعده جنت خريد بہ فرمائي آهي. سندن ڪڏهن؟ ۽ ڪيئن جنت خريد فرمائي اچو! هن جي متعلق واقعا ٻڌون ٿا:

## مسجد حرام جي توسيع

حضرت عمرفاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي پوٽي سالم بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہ عَنْہما کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري مسجد حرام شريف جي توسيع جي ضرورت هئي، ان جي لاءِ ويجهو هڪ گهر خريد ڪرڻو هيو، سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ان گهر جي مالڪ کي فرمايو: تون هي گهر مسجد حرام جي توسيع جي لاءِ ڏئي ڇڏ! مان توکي جنتي گهر جي ضمانت ڏيان ٿو. ان شخص کي شايد ان ضمانت جي اهميت معلوم نہ هئي، جيئن تہ ان گهر ڏيڻ کان انڪار ڪيو. حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي جڏهن هن ڳالھ جي خبر پئي تہ پاڻ جلدي مان ان گهر جي

[1] ... فضائل الخلفاء الأربعة ، ذكرفضيلة اخرى لذى النورين ...الخ، صفحہ: 62، حديث:45۔

مالڪ وٽ پهتا، ان کي مسلسل سمجهائيندا رهيا، ان جو ذهن ٻڌائيندا رهيا، آخرڪار ان کي گهر وڪڻڻ تي راضي ڪري ورتو ۽ 10 هزار درهم (يعني سون جي سڪن) جي بدلي اهو گهر خريد ڪري بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مونکي خبر ملي آهي فلاڻو گهر مسجد حرام ۾ شامل ڪرڻ تي اوهان جنتي گهر جي ضمانت ڏني آهي، هاڻي اهو گهر منهنجو آهي، ڇا اوهان مون کي به اها ضمانت ڏيو ٿا. پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: نَعَمۡ يعني هائو! تنهنجي لاءِ به اها ئي ضمانت آهي. اهو ٻڌي ڪري حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ اهو گهر مسجد حرام جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.[1]

## (1) مسجد نبوي جي توسيع ڪرڻ جي بدلي جنت

اهڙي طرح هڪ ڀيري مسجدِ نبوي شريف کي ڪشادو ڪرڻ جي لاءِ زمين جي ضرورت پئي، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ هزار يا 25 هزار دِرهم) يعني چاندي جي سِڪن (جي عيوض زمين خريد ڪري مسجدِ نبوي شريف جي لاءِ پيش ڪئي، ان وقت به مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کين جنّت جي بشارت عطا فرمائي.[2]

## (2) ڪجورن جي باغ جي بدلي جنت خريد ڪئي

مديني پاڪ ۾ بَنُو نَجَّار جو هڪ ڪجورن جو باغ هيو، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪير آهي جيڪو هن باغ کي خريد ڪري مسجد ٻڌائي؟ ان وقت به حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ اڳرائي ڪئي، اهو باغ خريد ڪري مسجد نهرائي، ان تي سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ان کان جنت جي باغ جو وعدو فرمايو. (فضائل الصحابہ لاحمد بن حنبل، 1/484، حديث:784۔)

---

[1] ... فضائل الصحابہ لاحمد بن حنبل، صفحہ:484، حديث:784۔

[2] ... معجم ڪبير، باب ما جاء فی لبس العمائم و الدعاء، جلد:1،صفحہ: 146حديث:522۔

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جي چا شان آهي. ڪين مسجد ٺاهڻ جو ڪيترو شوق هيو، مسجد حرام شريف جي توسيع جي ضروت پئي، جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ پيش ڪئي، مسجد نبوي شريف جي توسيع جي ضروت پئي، جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ پيش ڪئي. ان ڪان علاوه به مسجدون ٺاهڻ، مسجدون تعمير ڪرڻ ۾ حصو وٺڻ سندن پاڪيزه وصفن مان آهي.

## مسجد ٺاهڻ سنتِ انبياء آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! مسجد ٺاهڻ سنتِ انبياء آهي. دنيا ۾ 3 مسجدون سڀني کان افضل آهن: (1) مسجدِ حرام (جتي ڪعبو شريف آهي) (2) مسجد نبوي شريف (3) مسجد اقصيٰ. هي ٽئي مسجدون الله پاڪ جي نبين تعمير فرمايون: مسجد حرام جي پهرين تعمير حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام فرمائي ۽ طوفان نوح کان بعد ان کي حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام تعمير ڪيو. مسجد اقصيٰ جي پهرين بنياد حضرت يعقوب عَلَیۡہِ السَّلَام رکي، بعد ۾ حضرت سُليمان عَلَیۡہِ السَّلَام ان جي تعمير مڪمل ڪئي ۽ مسجد نبوي شريف جي ته شان ئي جدا آهي جو ان مبارڪ مسجد کي سڀني کان افضل نبي، رسول هاشمي، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان تعمير فرمايو آهي.

ڪاش! اسان کي به مسجد ٺاهڻ جي توفيق ملي. الله پاڪ وسعت عطا فرمائي آهي ته سڄي مسجد به تعمير ڪرڻ گهرجي، وڏي سعادت جي ڳالهه آهي، جيڪڏهن ايتري وسعت ناهي ته خير..!! الله پاڪ جيتري توفيق بخشي آهي، مسجد جي تعمير ۽ ترقي ۾ اوترو ئي حصو شامل ڪري وٺو! مسجد جي تعمير جي لاءِ ريتي، بجري، سيمنٽ وغيره ڏيڻ، مسجد ۾ ضروري ٽائلون وغيره لڳرائڻ، مسجد جو وضو خانو ٺهرائي ڏيڻ، منبر ٺهرائڻ، فراسين جو انتظام ڪري ڏيڻ وغيره هي سڀئي مسجد جي تعمير ۽ ترقي ئي جو حصو آهي.

ان ۾ حسب توفيق پنهنجو حصو لازمي شامل ڪرڻ گهرجي. حديث شريف ۾ آهي: جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مسجد ٺاهي، الله پاڪ ان جي لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهيندو آهي.[1]

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي مسجد ٺاهيو تحريڪ به آهي يعني دعوت اسلامي مسجدون ٺاهيندي به آهي، پوءِ مسجد کي آباد ڪرڻ ۽ آباد رکڻ جي به ڀرپور ڪوشش ڪندي آهي. ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ هاڻي تائين الحمدلله! سوين مسجدون تعمير ٿي چڪيون آهن. اوهان به هن نيڪ ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو! همت ۽ توفيق هجي ته سڄي مسجد ئي ٺهرايو، هي به نه ڪري سگهو ته جيترو ٿي سگهي، دعوت اسلامي سان تعاون ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مسجد ٺهندي، صدين تائين ماڻهو ان ۾ نماز پڙهندا رهندا، اسان کي ثواب ملندو رهندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) بِئْرِ رومہ جي بدلي جنتي چشمو

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جا ٽيان خليفہ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جنت جا خريدار آهن، پاڻ هڪ ڀيرو نه بلڪ ڪيئي ڀيرا جنت خريدي آهي. ان جي متعلق هڪ واقعو نهايت مشهور آهي. جڏهن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم هجرت ڪري مديني پاڪ آيا، اتي پاڻي جي ضرورت پئي، ان وقت مديني ۾ هڪ ئي مٺي پاڻي جو کوهه هو جنهن کي بئر رومہ چيو ويندو هيو، ان کوهه جو مالڪ پاڻي وڪڻندو هيو، جيئن ته پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ضمانت ڏني ته هن کوهه کي جيڪو خريد ڪري مسلمانن جي لاءِ وقف ڪندو ته ان کي هن جي بدلي جنتي

[1] ... ابنِ ماجه ،كتاب المساجد و الجماعات،باب من بنى لله مسجدا ،صفحه:127،حديث:737

چشمو عطا ڪيو ويندو. هي خبر ٻڌي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهو کوهه خريدي مسلمانن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.[1]

حضرتِ شيخ عبدالحق محدثِ دهلوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ لکن ٿا: اهو کوهه هڪ غِيرمسلم جو هو. اهو هن کوهه جو پاڻي مسلمانن کي پيسن تي ڏيندو هو. حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن کوهه کي خريدڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي ته حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اُن يهودي کان 12000 درهم جي بدلي ۾ اڌ کوهه خريدي ورتو، جڏهن ان يهودي کي باقي حصي مان منافعو ڪمائڻ مشڪل ٿي ويو ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ 8000 درهم جي بدلي باقي حصو به خريد ڪري ورتائين (۽ تمام مسلمانن تي وقف ڪري ڇڏيو.)[2]

## اي الله! عثمان جي لاءِ جنت لازم ڪري ڇڏ

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مبارڪ کوهه جي شان و شوڪت ۽ عظمت تي لکين سلام جو هن مبارڪ کوهه مان الله پاڪ جي پياري پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو پاڻي پيئڻ به ثابت آهي. حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو هتان تشريف کڻي وڃي رهيا هئا ته مسلمانن سندن خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ته حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هن (کوهه) کي خريد ڪري صدقو ڪري ڇڏيو آهي ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دعا گهري: مولىٰ! عثمان جي لاءِ جنت لازم ڪري ڇڏ. پوءِ ان مان پاڻي گهرائي پيتائون ۽ ارشاد فرمايائون: هن واديءَ ۾ عنقريب ڪيترائي چشما ٿيندا جيڪي تمام گهڻو مٺا هوندا پر بيرِ مُزني(يعني بيرِ رومہ) انهن سڀني کان مٺو هوندو.[3]

---

[1] ... معجم ڪبير، جلد:1 ، صفحہ:316،حديث:1212۔
[2] ... جذب القلوب الی ديار المحبوب، صفحہ:142۔
[3] ... سبل الہدی والرشاد،227/7

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ مسلمانن جا ٽيان خليفہ حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ مسلمانن جي خوب خيرخواهي ڪرڻ وارا هيا، سندن تنگي جي وقت پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ پاڻي جو کوهہ خريد ڪري وقف ڪري ڇڏيو.

ڪاش! حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي صدقي اسان بہ خيرخواهي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، بکايلن کي کاڌو کارايون، پياسن کي پاڻي پياريون، خشڪ علائقن جتي پاڻي جي کمي هجي، اتي پاڻي جو انتظام ڪيون، پريشان حالن جي ڪم اچون، جيڪي ويچارا ڏک تڪليفن جا ماريل آهن، انهن جي غم ۾ شريڪ ٿيون، بي سهارن جو سهارو بڻجون، مطلب تہ اسان مسلمانن جي ڪم اچڻ وارا، انهن جي ڀلائي چاهڻ وارا ۽ جيستائين ٿي سگهي ٻين کي فائدو پهچائڻ وارا بڻجي وڃون.

## 60 حديثون، 25 فائدا

اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ پيري سوال ٿيو، جنهن جو خلاصو هيو تہ ذڪار وغيره جي موقعي تي ماڻهو چندو جمع ڪري ماڻهن کي کاڌو کارائيندا آهن، هن جو ڇا حڪم آهي؟ اعلٰي حضرت رحمۃ اللہ علیہ ان جي جواب ۾ 60 حديثون لکيو، پوءِ فرمايو، هنن حديثن مان ثابت ٿيو تہ جيڪي مسلمان هن عمل (يعني چندو جمع ڪري بکايلن اجارن جي خير خواهي جو اهتمام ڪرڻ) ۾ نيڪ نيتي ۽ پاڪ مال سان شريڪ ٿيندا، انهن کي الله پاڪ جي ڪرم سان 25 فائدا ملڻ جي اميد آهي: (1) ان شآءَ الله الڪريم! بري موت کان بچندؤ (2): عمر ڊگهي ٿيندي (3): رزق ۾ ڪشادگي، مال جي ڪثرت ٿيندي (4): خير ۽ برڪت ماڻيندؤ (5): آفتون مصيبتون دور ٿينديون (6): برائي جا 70 دروازا بند ڪيا ويندا (7): شهر آباد ٿيندا

(8): شڪستہ حالي ختم ٿيندي (9): خوف دور ٿيندو، دلي سڪون نصيب ٿيندو(10): اللہ پاڪ جي مدد حاضر هوندي (11): اللہ جي رحمت واجب ٿيندي (12): فرشتا انهن تي رحمتون موڪليندا (13): نيڪ ڪمن جي توفيق ملندي (14): اللہ پاڪ جي غضب کان نجات ملندي. (15): گناھ بخشيا ويندا (16): مغفرت واجب ٿي ويندي (17): غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ ثواب ملندو (18): بگڙيل ڪم ٺجي ويندا (19): پاڻ ۾ محبت وڌندي. (20): ڪاڏي ۾ برڪت نصيب ٿيندي (21): اللہ پاڪ جي دربار ۾ درجا بلند ٿيندا (22): اللہ تعاليٰ ملائڪن جي سامهون انهن تي فخر ڪندو (23): اهي قيامت جي ڏينهن دوزخ کان محفوظ رهندا (24) : آخرت ۾ اللہ پاڪ جي رحمت ۽ احسان نصيب ٿيندو (25): ۽ خدا چاهيو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جي صدقي سڀ کان پهريان جنت ۾ وڃڻ نصيب ٿيندو.

## سوشل ويلفئير ۽ دعوت اسلامي

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي ماڻهن کي دين جون ڳالهيون ٻڌائي، نماز سيکاري، روزا، حج ۽ زڪوات جا احڪام سيکاري، سنتن جو عامل ٻڻائي ڪري، نيڪي جي دعوت ڏئي ڪري، نيڪ نمازي ٻڻائي تہ همدردي ڪري ئي رهي آهي. ان سان گڏوگڏ دعوت اسلامي جو هڪ ڊپارٽمنٽ آهي: ***FGRF***- هن ڊپارٽمنٽ جو بنيادي مقصد ئي مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غمزده امت سان همدردي ڪرڻ آهي، ڪا اوچتي آفت جهڙوڪ خدانخواستہ زلزلو اچي وڃي، سيلاب اچي وڃي تہ فوري طور تي امدادي ڪمن ۾ حصو وٺڻ آهي.

اوهان بہ دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! ***FGRF*** سان خوب مالي تعاون ڪيو! اوهان جي ڏنل رقم مان ڏکايلن جا ڏک ختم ٿيندا، مريضن جو علاج ٿيندو،

غريبن، بي سهارن کي سهارو ملندو، اِنْ شَآءَاللّٰه ان جا بيشمار فائدا نصيب ٿيندا. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

ہو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا
درد مندوں سے، ضعیفوں سے محبت کرنا

دُور دُنیا کا مرے دم سے اندھیرا ہو جائے
ہر جگہ میرے چمکنے سے اجالا ہو جائے

میرے اللہ! برائی سے بچانا مجھ کو
نیک جو راہ ہو اس راہ پہ چلانا مجھ کو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو! مسلمانن جا ٽيان خليفا حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بلند رتبہ صحابي آهن، پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هڪ ڀيري نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا جنت جي خوشخبري ٻڌائي ۽ مَآشَاءَاللّٰه! پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جنت جا خريدار آهن، اخروي ڪاميابي جو ايتري قدر شوق رکڻ وارا آهن جو جڏهن بہ موقعو مليو پاڻ پنهنجو مال راهِ خدا ۾ خرچ ڪري جنت ۾ وڃڻ جو سامان ڪيو، هڪ ڀيري نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا سندن جنت خريدي، مسجد حرام جي توسيع جي ضرورت پيش آئي، سندن جڳهہ پيش ڪري جنت جي ضمانت حاصل ڪئي، مسجدِ نبوي شريف جي توسيع ڪرڻي هئي، سندن جڳهہ پيش ڪري جنت جي ضمانت حاصل ڪئي، بِئرِ رومہ خريد ڪري وقف ڪيو، اهڙي ريت غزوه تبوڪ جي موقعي تي بہ سندن خوب وڌي ڪري راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجون دعائون حاصل ڪيون.

ڪاش! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو صدقو اسان کي بہ اخروي ڪاميابي جو شوق نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان بہ راهِ خدا ۾ مال خرچ ڪري، پنهنجي

طاقت، پنهنجي قوت، پنهنجون صلاحيتون، پنهنجو علم، پنهنجو وقت، پنهنجو تجربو ديني ڪمن ۾ لڳائي ڪري جنت جا طلبگار بڻجي وڃو.

## آخرت جي لاءِ ڪوشش ڪيو...!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ
(پاره20، سورة القصص:77)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو مال توکي الله ڏنو آهي ان جي ذريعي آخرت جو گهر طلب ڪر

معلوم ٿيو! جيڪو مال الله پاڪ اسان کي عطا فرمايو آهي، ان جي ذريعي آخرت طلب ڪرڻ گهرجي، پنهنجو مال انهن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي، جنهن سان انسان جنت جو حقدار بڻجي وڃي، مثال طور الله پاڪ مال عطا ڪيو آهي تہ مسجد بڻايو! مدرسو بڻايو، علمِ دين سکڻ وارن عاشقانِ رسول! طالبن تي خرچ ڪيو! غريبن جي مدد ڪيو! يتيمن، بي سهارن جو سهارو بڻجو! ان شآءَ الله الڪريم الله پاڪ راضي ٿيندو، ثواب بہ ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ قبر ۽ حشر ۾ آساني سان جنت بہ نصيب ٿي ئي ويندي.

اچو! ترغيب جي لاءِ مختصر طور صدقي جا ڪجهہ فضائل ٻڌي ونون ٿا.

## صدقي جا مختصر فضائل

روايتن بابت ۞ صدقو گناهہ کي مٽائي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي باهہ کي وسائي ڇڏيندو آهي[1] ۞ اِنَّهَا جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِصدقو ڪري تہ اُهو صدقو ان جي ۽ باهہ جي درميان (وِچ ۾) پردو ٿي ويندو آهي.[2] ۞ **صَدَقو** الله پاڪ جي غضب کي وسائي ٿو ۽ بُري موت کي روڪيندو آهي[3] ۞ فرمانِ آخري نبي

[1] ... ابنِ ماجہ ، كتاب الفتن ،باب كف اللسان في الفتنہ ،صفحہ:649 ، حديث:3973 ۔
[2] ... معجمِ كبير،جلد:10 ، صفحہ:409 ، حديث:20584۔
[3] ... ترمذی، كتاب الزكاة، باب ما جاء فی فضل الصدقہ،صفحہ:189،حديث:664 ۔

صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: صَدَقو ڏيڻ ۾ جلدي ڪيو ڇوته بَلا صَدَقي کي اورانگهي ناهي سگهندي.[1] ❁ صَدَقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانو ۾ هوندو.[2] ❁ اَلصَّدَقَة تَسُدُّ سَبْعِيْنَ بَابًا مِّنَ السُّوْءِ صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي.[3] ❁ صدقو ڪرڻ واري کي صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي[4] ❁ بيشڪ مسلمان جو صدقو عمر کي وڌائيندو[5] ❁ صَدَقو تڪبّر ۽ غرور جي عادت جو خاتمو ڪندو آهي[6] ❁ صدقو 70 قسم جي بلائن کي روڪيندو آهي جنهن ۾ ڪم تر بلا بدن بگڙڻ ۽ سفيد داغ آهن.[7]

لُٹاؤں تری راہ میں مال و دولت
تو پاؤں میں تری عطا یا اِلٰہی
کروں خوب صدقہ و خیرات یاربّ!
سخاوت کا پیکر بنا یا اِلٰہی

الله پاڪ اسان کي بہ دل کولي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، مال جي نيڪ استعمال جي ذريعي جنت جو حقدار بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! نيڪ بڻجڻ، گُنَاهن کان بچڻ ۽ ان ذريعي الله پاڪ جي محبت ماڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ عاشقان رسول سان مدني قافلن ۾ سَفر ڪرڻ جو معمول بڻايو، هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه! عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي، عِلمِ دين سکڻ نصيب ٿيندو، نيڪيون ڪرڻ، گُنَاهن کان بچڻ جو ذِهن

---

[1] ... مشكاة المصابيح، كتاب الزكاة، باب الانفاق وكراهيه ...الخ،جز:1، جلد:1، صفحه:359، حديث:1887۔
[2] ... سننِ كبرى للبيهقى،كتاب الزكاة ، باب التحريض على...الخ، جلد:4، صفحه:379، حديث:7751۔
[3] ... معجمِ كبير، جلد:3، صفحه:148، حديث:4276۔
[4] ... شُعَبُ الْاِيمان،جلد:3، صفحه:212، حديث:3347۔
[5] ... معجمِ كَبير ، جلد:6، صفحه:440،حديث:13508۔
[6] ... معجمِ كبير،جلد:6، صفحه:440، حديث:13508۔
[7] ... تاريخِ بغداد،جلد:8، صفحه:204 ۔

ٻڌجندو ۽ سڀ کان اَهم ڳالھ هي آهي جو سُنَّتِ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام يعني نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو.

## گُنَاهن کان ڇوٽڪارو ملي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان گُنَاهن جي دلدل ۾ ڦاٿل هئس، شراب پيئڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ، نمازون قضا ڪرڻ منهنجو معمول هو، هڪ ڀيري منهنجي ڀاڻيجي مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني، مان ٽاريندو رهيس پر ان همت نه هاري ۽ مسلسل دعوت ڏيندو رهيو، نيٺ هڪ ڀيري مان مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ئي ويس، مدني قافلي دوران نيڪي جي دعوت، سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ جو موقعو مليو، ڳڏوگڏ ئي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت بانيء دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا مختلف رسالا پڙهڻ به نصيب ٿيا، بس انهن سيني شين جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو دِل ۾ انقلاب برپا ٿي ويو، مون گُنَاهن کان سچي پڪي توبه ڪئي، شراب ڇڏي، نمازون پڙهڻ لڳس ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻجي ويس، اَلۡحَمۡدُ لله! مدني قافلي جي برڪت سان مون ڏاڙهي شريف رکي، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو، هاڻي مان هڪ مسجد جو مؤذن آهيان ۽ پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو.[1]

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خُدا
گر مدینے کا غم، چاہیے چشمِ نَم

چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

## "ماهوار فيضانِ مدينه" ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي،

[1] ... شرابی مؤذن کیسے بنا؟، صفحہ:15۔

ٿي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهوار فيضان مدينہ (*Mahnama Faizan e Madina*). هن ايپليڪيشن ۾ هن وقت تائين جارِي ٿيندڙ سمورا ماهوار رسالا *PDF* جي صُورت ۾ موجود آهن، ان کان عِلاوه ❁ تمام ماهوار مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگھجي ٿو ❁ سهولت جي لاءِ سرچ آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره تلاش بہ ڪري سگھجي ٿو. اوهان بہ اها ايپلي ڪيشن پنهنجي اِسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت هجي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا.[1]

سنّت کے مطابق میں ہر اِک کام کروں کاش! | تو پیکرِ سنّت مجھے اللہ بنادے

## ”مظلوم جي مدد ڪرڻ“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو ڪنهن مظلوم جي فرياد رسي ڪري، الله پاڪ ان جي لاءِ 73 مغفرتون لکندو، انهن مان هڪ سان ان جي تمام ڪمن جي

[1] ... جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث: 220

درستي ٿي ويندي ۽ 72 مان قيامت واري ڏينهن ان جا درجا بلند ٿيندا.[1]

اي عاشقانِ رسول! مظلوم جي مدد ڪرڻ سنّتِ مصطفيٰ آهي ❁ اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مظلومن جي مدد ڪندا هئا ۽ ظالمن ڪان مظلومن ڪي حق ڏياريندا هئا ❁ جيڪو بہ فرياد ڪٺي ايندو هو ان جي فرياد رسي ڪندا هئا، هڪ ڀيرو هڪ يتيم حاضِر ٿي شڪايت ڪئي تہ ابوجهل منهنجي مال تي قبضو ڪري ورتو آهي، توڙي جو ابوجهل سخت دشمنِ مصطفيٰ هو پر مظلومن جي آقا، بيڪسن جي داتا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ابوجهل کان ان يتيم جو مال وٺي يتيم جي حوالي ڪيو.[2] ❁ هڪ ڀيري هڪ اُٺ روئي بارگاهہ رسالت ۾ فرياد ڪيو تہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُٺ جي مالڪ کي گهرائي ان کي پورو چارو کارائڻ ۽ وزن گهٽ رکڻ جي تلقين فرمائي.[3]

مجھ سے بے کَس کی دولت پہ لاکھوں درود | مجھ سے بے بَس کی قُوّت پہ لاکھوں سلام

وضاحت: يعني مان غريب آهيان، منهنجي دولت ٻنهي جهانن جا تاجدار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، مان بيوس آهيان ۽ مون کي سهارو ڏيڻ وارا منهنجا آقا ۽ موليٰ مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... شُعبُ الايمان، باب: التعاون على البر، جلد:6، صفحہ:120، حديث:7670
[2] ... سيرة الحلَبيہ، باب: عرض قريش، جلد:1، صفحہ: 445
[3] ... ابو داؤد، كتاب:الجہاد، صفحہ:408، حديث:2549

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] ... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455